ڊاڪٽر شازيه پتافي
ايسوسيئيٽ پروفيسر
سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

# سنڌي ٻاراڻي شاعريءَ جو مطالعو

## (SINDHI POETRY WRITTEN FOR CHILDREN)

***Abstract***

Children's literature refers to books, stories and poems that are created for children. William Wordsworth said, "The child is the father of the man". Therefore, children literature has great importance. It plays crucial role in developing reading skills, stimulates imagination and creativity. Through stories and poems children learn about emotions, relationships and various social situations. It also contains moral and ethical lessons. They learn about values such as honesty, kindness, resilience and respect. In this paper, Sindhi poetry written for children is analyzed. Poets expressed their love for young human beings, depicted their innocent desires, likes and dislikes, gave them message of bravery, honesty and kindness.

انگريزيءَ جي مشهور شاعر وليم ورڊس ورٿ چيو آهي ته: "ٻار انسان جو ابو آهي." اهو ٻار جيڪو انسان جو ابو آهي، مستقبل جو معمار آهي. اڳتي هلي ڪيس زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اڳواڻي ڪرڻي آهي. اُن ٻار جي ذهني نشونما لاءِ اهڙو ادب گهرجي، جيڪو خاص طور تي سندن دلچسپي ۽ سکيا لاءِ تخليق ڪيو ويو هجي، جنهن سان سندن پڙهڻ جي شوق ۽ ذوق ۾ اضافو ٿئي. ٻاراڻو اداب اسان ان کي چئي سگهون ٿا، جيڪو ٻارن لاءِ تخليق ڪيو ويو هجي. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي انسائيڪلو پيڊيا برٽنيڪا ۾ ٻاراڻي ادب جي ڏنل وصف جو ترجمو ڪندي لکيو آهي:

> برٽنيڪا موجب ننڍي عمر جي ٻار کي ’وندرائڻ‘ يا ’سيکارڻ‘ لاءِ لکيل چيزون جن ۾ تصويرون هجن، تنهن کي ٻال ساهتيه ۾ شماري سگهجي ٿو. انهيءَ ۾ دنيا جي مشهور ڪتابن (Classics) کان ويندي تصويري ڪتاب ۽ سوليون آکاڻيون جيڪي فقط ٻارن لاءِ هجن، جن ۾ ٻري ڪٿائون، لوليون، ڏند ڪٿائون، لوڪ گيت ۽ ٻيون چيزون اچي وڃن ٿيون. (بلواڻي ،2007، 16)

ٻاراڻو ادب ٻارن جي اخلاقي تربيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ڪين محبت، دوستي، ٻين جو خيال رکڻ، مدد ڪرڻ، ڪٽڻ ۽ ڪڏهن هارائڻ، هارائڻ کان پوءِ همت نه هارڻ، مسلسل محنت ڪرڻ، محنت ذريعي عزت حاصل ڪرڻ جهڙن تصورن کان آگاهي ڏئي ٿو، جنهن سان هو دنيا جي لاهن چاڙهن کي سمجهڻ جهڙا ٿين ٿا، چاڪاڻ ته:

> بيمار رڳو ماڻهو ڪونه ٿيندا آهن، جن کي ڪو مسيحا دوا سان ٺيڪ ڪري، پر قومون به بيمار ٿينديون آهن، جن جي مسيحائيءَ لاءِ هڪڙو ئي يڪ ٽڪ نسخو ڪارآمد ٿيندو آهي، سو آهي صحيح وقت تي، اُن قوم جي ٻارن کي ڏنل اهڙي تعليم جيڪا سندن انساني ڪردار جي سنوار ڪري ۽ سندن مثبت ذهني اوسر ۾ ڀرپور طريقي سان حصو وٺي. ڪين بهتر انسان بنائي، منجهن سچ ۽ ڪوڙ، گناهه ۽ ثواب، ظالم ۽ مظلوم، چڱي ۽ مٺي جي فرق بابت ساڃاهه پيدا ڪري ۽ ڪين مثبت قدرن ڏانهن راغب ڪري، ناڪاري قدرن کان بچڻ ڏياري. (جويو، 2015: 5)

ٻارن جي دنيا ته آهي ئي حسين ترين – ننڍپڻ جون يادگيريون هر ماڻهوءَ لاءِ وڻندڙ هونديون آهن.

پڪڙي هٿ ۾ پوپٽ پيارا،
ڳاڙها پيلا رنگن وارا،
ڏينهن تتي جو گهر مان نڪرڻ،
ڪيڏو پيارو هو سو ننڍپڻ.

واريءَ جا کي گهرڙا
ٺاهي،
پٽ ۾ ٺاهي، پٽ ۾ ڊاهي،
تاڙيون وڄائي ٿهه ٿهه
ٽهڪڻ،
ڪيڏو پيارو هو سو ننڍپڻ.

(سولنگي، 2020، 7)

ٻارن جي دنيا هڪ عجيب دنيا ٿيندي آهي. هن دنيا جي ڪا به شئي ان کي ڇُهي نٿي سگهي. ٻارن جي دنيا ۾ جادوگر آهن، پريون آهن، راڪاس آهن، ڳالهائيندڙ جانور آهن، سک ڏک ونڊيندڙ رانديڪا آهن. ٻار انهن ۾ ڪوئجي ويندا آهن. اسان وڏا ئي آهيون، جن کي عجب لڳندو آهي ته سهو ڳالهائيندو ڪيئن، ڳانءِ اُڏامندي ڪيئن، چنڊ هيٺ لهي ڪيئن ايندو، گُڏو شادي ڪيئن ڪندو، پر ٻارن جي دنيا ۾ اُهي سڀ ڳالهيون روا آهن. هنن جي ترڪ شڪتي ئي انوکي هوندي آهي. بنا ملاوت، نج آنند ئي هنن لاءِ سيڪجهه آهي. سماجڪ جيون جا نيمَ، رواج، فرض، حق، لاڀ، هاڃي، ذات پات جا ڀيد، تعصب وغيره هنن کان پري هوندا آهن. (ٻلواڻي،2007، 22)

ٻاراڻي ادب جي شروعات انهن لوڪ ڪهاڻين ۽ قصن کان ڇٺي سگهجي ٿي، جيڪي ڏاڏيون ۽ نانيون ٻڌائينديون هيون، يا ماءُ جي انهن فطري جذبن کان جيڪي لوليءَ جي روپ ۾ ظاهر ٿيا. ٻارن جي ادب ۾ کهڙيون ڳالهيون شامل ٿي سگهن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي رسالي گل ڦل جي پهرئين شماري جي مهاڳ ۾ سائين محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

هونئن ته ٻارن جي ادب ۾ هر اُها چيز شامل سمجهي سگهجي ٿي، جنهن جو سمجهڻ ۽ سکڻ ٻارن لاءِ ضروري آهي – يعني، انسان جي تجربي ۽ ڄاڻ جي اُها ڪُل حاصلات جيڪا جڳن کان انسان ذات وٽ جمع ٿيندي پئي آئي آهي، پر خالص ادب جي دائري ۾ جتي انسان

> جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جا ٻرَ پيچ ۽ گوناگون مظهر، ٻاجهاري انداز ۽ دلنشين پيرايي ۾ بيان ٿيندا آهن، جيڪڏهن خالص ٻارن جي زندگيءَ کي بيان جو موضوع بنايو وڃي، ته شايد زياده مناسب ۽ بهتر ٿئي. بادشاهن ۽ سوداگرن، جنن ۽ پرين، پکين ۽ جانورن جون آکاڻيون، ڳجهارتون، چرچا ۽ ٽوٽڪا، ناميارن ماڻهن جون سليس ۽ دلچسپ انداز ۾ لکيل سوانح عمريون ۽ انساني تاريخ ۽ تمدن ۾ انهن جي عظيم ڪارنامن جا تفصيل ۽ بيان – اهي ۽ اهڙيون ٻيون سڀ چيزون، پنهنجي جاءِ تي، ٻارن لاءِ بيحد ڪارائتيون ۽ ڪافي وندرائيندڙ ٿي سگهن ٿيون.
> (جويو، 1959، گل ڦل جو مهاڳ )

سنڌي ٻاراڻي شاعريءَ ۾ اسان کي همديه شاعري ملي ٿي جنهن ۾ قدرت جي ساراهه ڪئي ويندي آهي، دعائيه شاعري به ملي ٿي، معصوم خواهشن ۽ جذبن جي اظهار واري شاعري ملي ٿي، اُن کان سواءِ مختلف شين، سائنسي معلومات، قومي ورثي جي سڃاڻ، پنهنجن سورمن سورمين کان واقفيت، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت، ماءُ جي ممتا ۽ ان سان محبت، راند روند وغيره جهڙا موضوع ملن ٿا. ماءُ ٻارن لاءِ ڪُل ڪائنات جي حيثيت رکي ٿي، جنهن جي جهوليءَ ۾ کيس سکون ملي ٿو. سندس مٺڙا ٻول ٻڌي پنهنجي تڪليف وساري ويهي ٿو. ان سان محبت جو اظهار اسان کي علي محمد ’درد‘ جي لفظن ۾ هن طرح ملي ٿو:.

مٺڙي امڙ پياري امڙ،
سهڻي ۽ سوڀاري
امڙ،
جنت تنهنجي پيرن ۾
آ،
منهنجي جيءَ
جياري امڙ.

(علي محمد ”درد“ ، 2021، 9)

ماءُ لاءِ ٻار جي فطري جذبن جي عڪاسي هڪ ٻئي شاعر اڪبر ساگر ’سنڌي‘ جي لفظن ۾:

هيءَ بخمل جهڙي جهولي ماءُ،
تو تنهن ۾ ڏني لولي ماءُ.

لفظ به تنهنجو اهڙو، ڇڻ منڙو منڙو
ماڪيءَ جهڙو،
منڙي لولي منڙي جهولي، او منڙي
تنهنجي ٻولي ماءُ.

هيءَ بخمل جهڙي جهولي ماءُ،
تو تنهن ۾ ڏني لولي ماءُ.

(اڪبر ساگر،1977، 6)

اڄڪلهه جي دؤر ۾ خاص ڪري شهري ماحول ۾ جتي وڏن جي زندگي مشيني بنجي ويئي آهي، اتي ٻارن جي زندگيءَ جا اهي خوبصورت ڏينهن جيڪي راند روند ڪندي، گل ٻوٽا ڏسندي، چند ستارن جو نظارو ڪندي، برساتن ۾ پسندي ۽ ڪاغذ جون ٻيڙيون تاهيندي، پکين جون مٺيون لاتيون ٻڌندي گذرڻ کپن اهي اسڪول جا ڳرا ٿيلها کڻندي ۽ شين جي گهٽائيءَ ۾ گذرن ٿا، جتي رانديون به اندور (Indoor) آهن يا يوٽيوب وغيره تي ٻار وقت گذارين ٿا، جنهن جا ٻارن جي جسماني ۽ ذهني صحت تي تمام گهڻا خراب اثر پون ٿا. جي.جي. روسو ڪيئي صديون اڳ کهڙي نه سهڻي صلاح ڏني هئي:

ٻار کي اونداهي ۽ گهُٽيل ڪمري ۾ گُڏو بنائي ويهاري ڇڏڻ بدران  کيس هر روز ٻاهر ٻيلن ۾ ۽ باغن ۾ وٺي وڃو، پلي ته اُتي هيڏانهن جو هوڏانهن ڊوڙي ڊڪي، پلي ته هِتي هُتي زور آزمايون ڪري ۽ ڌڪا ڌوما کائي، ڪِري ڪِري وري اُٿي، جيترا

دفعا ڪرندو اوترا دفعا اُٿندو، پاڻ اوترو جلد ازخود پنهنجي پيرن پر اُٿي بيهڻ سکي پوندو. (جويو،2015،46)

ٻارن ۾ شاعريءَ ذريعي قدرت جي حسين ۽ دلڪش منظرن سان محبت پيدا ڪري سگهجي ٿي:

پرهه ڦٽيءَ جو منظر ٻارو،
واهه! جو آهي سهڻو ٻارو،
وڻ ٽڻ ٻوٽا سرها سرها،
گلڙا ڦلڙا تازا تازا.

(سومرو، 2021، 8)

ٻارن لاءِ لکندڙ اديبن کي 'ٻار' تي لکڻو پوندو، تڏهن ئي هو سندن صحيح ترجماني ڪري سگهندو. ٻارن جي ادب جون ڪهڙيون ڪهڙيون تقاضائون آهن، اهي پوريون ڪرڻ لاءِ محمد ابراهيم جويو اديبن ۽ شاعرن کي صلاح ڏيندي لکي ٿو:

ٻارن جي ادب جو اهم مقصد ٻارن کي سادي ۽ سهڻي نموني معلوما ت فراهم ڪرڻ به آهي. ان طريقي سان اها ڄاڻ کين ذهن نشين ٿي وڃي ٿي، جيڪا ڪڏهن به نٿي وسرين.

ڌرتيءَ جي ڄاڻ ڏيندي شاعر چوي ٿو:

ڌرتي به هڪ آ سيارو ٻارو،
جنهن تي ٿئي ٿو اونهارو سيارو،
هن کي پنهنجو چنڊ ٿئي ٿو،
هر ڪنهن کي ڏاڍو وڻي ٿو.

(آزاد ، 2021، 7)

ٻاراڻي ادب ذريعي پنهنجي نئين نسل کي ننڍي عمر کان ئي پنهنجي ٻولي، تاريخ، ثقافت، اخلاقي قدرن ۽ قومي ورثي جي اهميت کان آگاهه ڪري سگهجي ٿو. ٻار پنهنجي مادري ٻوليءَ جي حسناڪين کان واقف ٿئي ٿو.

ماکيءَ کان به وڌ مٺي آ، سنڌي زبان اسان جي،

پاڳن پري پلي آ، سنڌي زبان اسان جي.

وسري ويون نه آهن، جيجل امڙ جون لوليون،
جنهن ٻاجهه مان ڪيون ٿي، پنهنجي ٻچي
سان ٻوليون،
مادر ڪان هيءَ ملي آ، سنڌي زبان اسان جي.

(ٻزمي، 1977، 4)

بيخود بلوچ ٻارن سان پنائي گهوٽ کي هن طرح متعارف ڪرائي ٿو:

حق سچ جو تو پرسائي، چارو لطيف
سائين،
پٽ جو ڏٺي پلارو! لطيف سائين.

بيتن ۾ بات حق جي، لفظن ۾ لات حق
جي،
حق سچ جو چمڪندڙ آ، ستارو لطيف
سائين.

جڳ ۾ هزارين شاعر آهن چئو، مڃون ٿا،
'بيخود' انهن سيني ۾ نيارو لطيف سائين.

(بلوچ،2021، 8)

اسان جون مائرون پنهنجي ٻچن کي دولهه دريا خان، دودو، هوشو ۽ هيمون جهڙو ٿيڻ لاءِ دعائون ڪنديون آهن، ڪين مٽيءَ سان محبت ڪرڻ سيڪارينديون آهن:

سنڌڙيءَ جا نندڙا ٻلوان،
جُڳ جُڳ جئين،
شال ٿئين دودو، دريا خان!
جنهن مٽيءَ مان، جسم جڙي ٿي،
لڄ رکين شل، اُن مٽيءَ جي.

ڪينجهر جرنل: شمارو 26، سال 2023ع

.

(مرزا،1977، 8)

مذهبي ڪتابن، قصن، ڪهاڻين ۽ شاعريءَ ۾ عظيم شخصيتن جا مثال ڏيئي، انهن جهڙو ٿيڻ جي تلقين ڪرڻ سڪيا جو قديم ۽ مقبول طريقو آهي. پنهنجي تاريخ ۽ روايتن کان ڪٽجي ڪو به سرخرو نٿو ٿي سگهي. انهن جي نقش قدم تي هلي ئي اڳتي وڌڻ جو عزم پيدا ٿيندو:

گيت پريت جا ڳايون ٻارو،
نينهن وطن سان لايون
ٻارو.
رنگ نسل ۽ ذات پات جا،
سارا فرق مِٽايون ٻارو.

پاڻ کي اڳتي وڌڻو آهي،
منزل تي به رسڻو آهي،
ڪٿي به ناهي رُڪڻو
هاڻي،
ٽڪري وڪ وڌايون ٻارو.

(گوپانگ،2019، 12)

علم ۽ ادب ذريعي انسان جي تخليقي ۽ تنقيدي شعور ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ ان شعور ذريعي انسان لڪير جو فقير ٿيڻ کان بچي پوي ٿو. جڏهن لوڪ لهوارو وهندو هجي ته ’اوچو وهه اوپار‘ جو پيغام ئي انسانيت جي عظمت جو پيغام آهي. جهڙيءَ طرح اسان جي عظيم شاعرن اسان کي ”عامن سندو عام“ ٿيڻ کان روڪيو آهي، اهڙيءَ طرح ٻاراڻي شاعريءَ ۾ به ساڳي تربيت، ساڳيو پيغام ملي ٿو:

منهنجا منڙا پٽ!
ها، پر هيءَ نصيبت منهنجي ياد ڪري ڇڏ
لال!
اُن ۾ تنهنجي عظمت آهي، هيئين هندائين

شال!

سوچ سوا ڪجهه لوچ نه آهي، سڀڪجهه سونجهي سوچ،
لوچ بنا ڪجهه سوچ نه آهي، لعل لهي تي لوچ.

(ش.ا،1961، 6)

اقوام متحده طرفان ٻارن جي حقن جي پڌرنامي ۾ جتي رنگ، نسل، مذهب، زبان، جنس جي امتياز کان سواءِ هر ٻار کي صحت تعليم ۽ قومي حق ملڻ جي ڳالهه آهي، اُتي اهو به چيل آهي ته ٻارن کي راند روند جو پورو پورو موقعو ملڻ گهرجي ته جيئن کين خوشيءَ ڀريو ننڍپڻ نصيب ٿئي. ٻارن کي وندرائڻ ۾ ٻاراڻي ادب جو اهم ڪردار آهي. هر سال 20 نومبر تي ٻارن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي، جنهن لاءِ ڪو نه ڪو ٿيم (Theme) به مقرر ڪيو ويندو آهي. سال 2022ع جو ٿيم آهي: "Investing in our future means investing in our children." .

ٻارن جي ذهني نشونما کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي انويسٽمينٽ ٿي سگهي ٿي. هن مطالعي مان ظاهر ٿئي ٿو ته اسان جي شاعري ٻارن لاءِ وندر جي سامان سان گڏ اعليٰ مقصد ۽ پيغام ڏيڻ واريون گهرجون به پوريون ڪري ٿي. کوٽ ڪٿي آهي؟! ان سوال جا ڪيترائي جواب آهن. ٻارن جي رسالن جو گهٽ تعداد هجڻ، پنهنجي پيشڪش (Presentation) يعني تصويرن (Illustrations)، پني ۽ رنگن ۾ گهٽ وٽندڙ هجڻ وغيره کان سواءِ والدين جي ادب ۾ عدم دلچسپي خاص سبب آهن. هن دؤر جي حساب سان ٻارن کي ڪهاڻيون ۽ شاعري، تصويرن، آڊيو ۽ وڊيو ذريعي پنهنجي ٻوليءَ ۾ مهيا ڪنداسين ته سندن دلچسپي وڌندي ۽ وڌيڪ بهتر طريقي سان سمجهي سگهندا، جنهن سان ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي ٻوليءَ سان اٽوٽ تعلق قائم ٿيندن.

## حوالا

بخاري،آزاد.(2021). ٻارن لاءِ شاعري. گل ڦل. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ
بزمي،نثار . (1977). ٻارن لاءِ شاعري. گل ڦل. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ

بلواڻي، هوندراج، ڊاڪٽر.( 2007). ٻارن لاءِ شاعري. گل ڦل. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ
بلوچ، بيخود.(2021). ٻارن لاءِ شاعري. گل ڦل. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ
جويو، محمد ابراهيم.( (1959) مهاڳ: گل ڦل، شمارو پهريون.ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊڍ
جويو، محمد ابراهيم.( 2015). تعليم جو مسيحائي ڪردار.حيدرآباد، سنڌ: سنڌي لينگئيج اٿارٽي
جي جي روسو.(2015).ايميلي عرف تعليم. مترجم: محمد ابراهيم جويو. حيدر آباد سنڌ
گوپانگ، عزيز.(2019). ٻارن لاءِ شاعري. گل ڦل. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ
ساگر، اڪبر، سنڌي.(1977) ٻارن لاءِ شاعري. گل ڦل. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ
سولنگي، منٺار.(2020) ٻارن لاءِ شاعري. گل ڦل. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ
سومرو، فيض.(2021) ٻارن لاءِ شاعري. گل ڦل. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ
ش.ا (1961). ٻارن لاءِ شاعري. گل ڦل. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ
علي محمد، درد.(2021) گل ڦل: ٻارن لاءِ شاعري. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ
مرزا، نصير (1977) ٻارن لاءِ شاعري. گل ڦل. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ